# اعليٰ حضرت

## هڪ پيرِ ڪامِل

**12-May-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

12 مئي، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعليٰ حضرت هڪ پيرِ ڪامِل

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

✿... هڪ دروازو پڪڙيو! مضبوط پڪڙيو...!

✿...اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي پيرِ ڪامِل جي نگاهه ۾

✿...اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ نائِبِ غوثِ اعظم آهن

✿...اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ قُطبُ الارشاد آهن

✿...اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جون پنهنجي مريدن کي نصيحتون.

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت واري ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو.(1)

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے سَو درودیں فدا، ہزار سلام

وہ سلامت رہا قیامت میں پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي آهي.(3)

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن جو ثواب وڏي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مثال طور

---

1 … جامع صغير، صفحه:280، حديث:4580.

2 … ذوقِ نعت، صفحه:170-171.

3 … مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895

نيت ڪريو! ◈ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ اَدَب سان ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** 10 شوّالُ المکرم تي اسان جي آقا، ڪامِل ولي، پيرِ طريقت، رَهبرِ شريعت، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي وِلادت جو ڏهاڙو آهي.

يقيناً اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي بابرڪت ذات اسلامي دُنيا جي لاءِ تمام وڏي نعمت آهي. جڏهن ڪافِر اسلام جي خِلاف سازشون ڪري رهيا هئا، بدمذهبي عُرُوج تي پهچي چڪي هئي، بِدعتون عام ٿي رهيون هيون، مَعَاذَ الله! قرآني آيتن جي مفهوم بدلائڻ جون ناپاڪ ڪوششون ڪيون پئي ويون، اسلامي تعليمات کي بدلائڻ جي جرئت ٿي رهي هئي، انهن فِتنن جي وقت ۾ الله پاڪ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي صُورت ۾ اسلامي دُنيا کي هڪ عظيم نعمت سان نوازيو، اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مُجَدِّد بڻجي تشريف فرما ٿيا ۽ الحمد لله! پاڻ ڪَرُ ڪڍندڙ فتنن جو سَر قلم ڪيائون، ڪافِرن جي سازشن کي ناڪام بڻايو، بدمذهبي جو زور ٽوڙي ڇڏيائون، بدعقيدگي جو خاتمو ڪيو، اَصل اسلامي عقيدن جي دُرُست تشريح فرمائي، اسلامي عقيدن تي، اسلام جي اعليٰ تعليمات تي، قرآن جي عِزَّت ۽ حُرمت تي، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي عزّت ۽ نامُوس تي پهرو ڏنائون، بدعتن کي مٽايائون، سنتن کي عام ڪيائون، معاشري جي اِصلاح فرمائي، ماڻهن کي عشقِ رسول جا جام پري پري پيئاريا ۽ الحمد لله! فتنن کي مٽائي دِين جو پرچم بلند فرمايائون.

تُو نے باطل کو مٹایا اے امام احمد رضا | دِین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا
تھرتھرائے کانپ اُٹھے باغیانِ مصطفےٰ | قہر بن کے اُن پہ چھایا اے امام احمد رضا

حشر تک جاری رہے گا فیض مرشِد آپ کا | فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا
قبر پر ہو بارشِ انوارِ حق تیری سدا | ہو نبی کا تجھ پہ سایہ اے امام احمد رضا[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الحمد لله! همہ جِهت (گھڻ رُخي) شخصيت آهن يعني سندن مبارڪ سيرت ڪي جهڙي پهلو سان ڏسجي، بَس ڪمال ئي ڪمال نظر اچي ٿو، جهڙي طرح اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا مُفَسِّر آهن، زبردست مُحَدِّث آهن، بي مثال عالِم آهن، باڪمال مفتي آهن، عابِد آهن، زاهد آهن، اهڙي طرح اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ **ڪامِل ولي ۽ پيرِ ڪامِل** پڻ آهن. اڄ بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا لکين ڪروڙين مريد دُنيا ۾ موجود آهن ۽ جيترا عطاري آهن اهي تہ الحمد لله! رَضوي ئي آهن ڇو تہ امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي واسطي سان ئي سلسلہ قادريہ ۾ بيعت ڪن ٿا. ۽ جيڪي عاشقانِ رسول اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سلسلي ۾ بيعت نہ آهن، اهي بہ عاشقِ اَعليٰ حضرت تہ يقيناً آهن، ڇاڪاڻ تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عشقِ رسول جي، سُنّيت جي سُڃاڻپ آهن.

جيئن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان جا پير آهن، هر عاشقِ رسول جي دِل جي ڌڙڪن آهن. لهٰذا اڄ اسان **اعليٰ حضرت هڪ پيرِ ڪامِل** جي عنوان سان سيرتِ رَضا جا ڪجھ پهلو ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان سڀني کي مَسلَڪِ اعليٰ حضرت تي ثابت قدمي نصيب فرمائي، عشقِ رضا تي، اَوليائن جي محبت تي ۽ بالخصوص عشقِ مصطفيٰ تي استقامت عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے تم مَسلکِ احمد رضا پر استقامت دو | بنوں خدمت گزارِ اہلِ سنّت یارسولَ اللہ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:525.

## هڪ دروازو پڪڙيو! مضبوط پڪڙيو...!

سَيد اَيوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه: هي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شاگِرد بہ آهن ۽ عام طور اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر بہ رهندا ها، سيرتِ اعليٰ حضرت تي سڀ کان پهريان ڪم ڪرڻ جي سَعَادت بہ سَيد اَيوب علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ئي نصيب ٿي.

انهن (سيد اَيوب علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جو بيان آهي: هڪ ڏينهن مان ۽ منهنجو ڀاءُ سَيد قناعت علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر مبارڪ حاضِر ٿي ڪنهن علمي ڪم ۾ مَصرُوف هئاسين، صبح جي 9 يا 10 وڳي جو وقت هو، هڪ نوجوان آيو ۽ سلام ڪري هڪ پاسي ماٺ تي ويهي رهيو. اسان پڇيو: ڪٿان کان آيا آهيو؟ چيائين: مِيرَٺ جو رهواسي آهيان. اسان پڇيو: ڪيئن تڪليف فرمائي (يعني ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي)؟ ان سُوال تي اهو نوجوان بي اختيار رَوئڻ لڳو. اسان هر هر پڇيو پر ان ڪو جواب نہ ڏنو. نيٺ وڏي اِصرار کان بعد چيائين: مان حُضُور اعليٰ حضرت (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جو مُرِيد آهيان. هن سال مون کي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عُرسِ پاڪ ۾ حاضِري جي سَعَادت ملي، اتي مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو بظاهر ڪو بزرگ هستي نظر آيو پئي، مون ان جا پير چُمي ادب ڪيو.

اتي موجود ڪجھ ماڻهن مون کي چيو: توهان هن جا مريد ٿي وڃو! مون چيو: مان تہ پهريان ئي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد آهيان. ان تي ماڻهن چيو: **اتي توهان شريعت ۾ بيعت آهيو، هتي طريقت ۾ بيعت ٿي وڃو.** بَس ماڻهن جون هن طرح جون ڳالهيون ٻڌي مان اُن شخص جو مريد ٿي ويس. مُرِيد ٿيڻ کان بعد مان پنهنجي قيام گاھ تي آيس، ڪجھ دير آرام جي لاءِ ليٽي سمهي پيس. ڇا ٿو ڏسان جو خواب ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آيا، نوراني چهري تي جلال ظاهر ٿيو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **اسان کي اسان جو شجرو واپس**

**ڪري ڇڏيو.** ايترو ئي فرمايائون جو منهنجي اک ڪلي پئي. بَس انهيءَ ڏينهن ڪان منهنجي طبيعت ڪنهن ڪم ۾ نتي لڳي، اسڪول پڙهندو هئس، اهو بہ ڇڏي ڏنو، هر وقت دِل اهو ئي چاهي ٿي تہ بس دانهون ڪري روئيندو رهان.

سَيد اَيوب علي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نوجوان جون ڳالهيون ٻڌي اسان ان کي آٿت ڏيندي چيو: اوهان گهٻرايو نہ، ظهر نماز مهل اعليٰ حضرت (رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) ايندا، نماز کان بعد عرض ڪجو تہ مان تجديدِ بيعت جي لاءِ حاضِر ٿيو آهيان. اسان جي ڳالهہ ٻُڌي ان نوجوان کي ڪجهہ سڪون مليو. اجا اهي ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ اعليٰ حضرت (رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) **خِلافِ معمول** پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتا ۽ اُن نوجوان کي فرمايائون: اوهان جو ڪيئن اچڻ ٿيو؟ اعليٰ حضرت (رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) جا هي لفظ ٻُڌي اسان کي تعجب ٿيو، ڇو تہ سندن مبارڪ عادت اها هئي تہ جڏهن بہ ڪو ايندو هو تہ ان کان پڇندا هئا: اوهان ڪيئن تڪليف فرمائي؟ (يعني اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عادت کان هٽي ڪري ان نوجوان کان ايئن پڇڻ تہ اوهان جو ڪيئن اچڻ ٿيو؟ هي الفاظ ئي ٻڌائي رهيا هئا تہ پاڻ ان نوجوان کان سخت ناراض آهن).

خير! اُن نوجوان تي غم جو غلبو هو، ان اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هن سُوال تي روئڻ شروع ڪيو ۽ ڪو جواب نہ ڏئي سگهيو. ڪجهہ دير بعد اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: روئڻ جو ڪهڙو فائدو؟ مطلب ٻڌايو! هي فرمان ٻُڌي ان نوجوان سڄو واقعو بيان ڪيو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جوسڄو واقعو ٻڌي فرمايائون: مون وٽ ڇو آيا آهيو؟ هو نوجوان ٻيهر روئڻ لڳو، غم جي غلبي جي ڪري ان کي ايتري همت ئي نہ ٿي جو تجديدِ بيعت جي لاءِ عرض ڪري سگهي. خير! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: اوهان هت ترسو، مون کي ڪم ڪرڻو آهي. هي چئي پاڻ واپس موٽي ويا.

سيد اَيوب علي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان ٻيهر ان نوجوان کي تسلي ڏيندي چيو: اوهان ڊپ نہ ڪريو، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ظهر نماز جي لاءِ ايندا، ان وقت

تجديدِ بيعت جي لاءِ عرض ڪجو. مختصر هي ته ظهر جي وقت جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه آيا ته نماز کان بعد ان نوجوان همت ڪري تجديدِ بيعت جي لاءِ عرض ڪيو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: جڏهن اوهان اتي بيعت ٿي چڪا آهيو، ته پوءِ مون کي ڇو ڇڏي رهيا آهيو؟ نوجوان عرض ڪيو: حُضُور! مون کان غلطي ٿي آهي، ماڻهن جي ورغلائڻ ۾ اچي ويو هئس، پنهنجي قصور جي معافي گهران ٿو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: خوب غور ڪري وٺ! سوچي وٺ! سمجهي وٺ! مون کي مريد ڪرڻ جو شوق نه آهي پر صرف اهو جو ماڻهو صِراطِ مستقيم تي قائِم رهن (يعني مان صِرف ان ڪري ماڻهن کي مريد ڪندو آهيان جو ماڻهو سڌي راه تي رهن، ان کان عِلاوه مريد ڪرڻ ۾ مون کي ڪو لالچ نه آهي، وڌيڪ فرمايائون:) هي نيڪ نه آهي جو اڄ هن دروازي تي بيٺا هجو، سڀاڻي ان دروازي تي. يَک دَر گِير مُحکَم گِير (يعني هڪ دروازو پڪڙيو! مضبوط پڪڙيو...!). ان تي نوجوان هٿ ٻڌي عرض ڪيو: سائين ايئن ئي ٿيندو، خُدا جي لاءِ هاڻي منهنجو قُصُور مُعَاف فرمايو. ان تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان نوجوان کي ٻيهر بيعت فرمايو ۽ اهو نوجوان خوش خوش پنهنجي گهر هلي ويو.[(1)]

| | |
|---|---|
| میں گرفتارِ بلائے دوجہاں | ہر بلا سے کر رِہا احمد رضا! |
| تُم ہی مرشِد، تم دوائے رنج و غم | مجھ پہ بھی چشمِ عطا احمد رضا! |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! اسان جي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪوڙ سارين مَصرُوفيتن جي باوُجُود پنهنجي مُرِيدن تي ڪيتري نگاهه رکندا هئا. اهو شخص جنهن جي هٿ تي ان نوجوان بيعت ڪئي هئي، شايد ڪو چڱو ماڻهو نه هو، تڏهن ته ان جي آس پاس جي ماڻهن هي چيو: **اتي توهان شريعت ۾ بيعت آهيو، هتي طريقت ۾ بيعت ٿي وڃو.**

---

[1]... حياتِ اعليٰ حضرت، جلد:3، صفحه:195 بتغيّر۔

هي تمام وڏي گمراهي آهي. هاڻي بہ ڪجھ ماڻهو طريقت کي شريعت کان جُدا سمجهن ٿا، جڏهن تہ شريعت ۽ طريقت 2 جُدا شيون نہ آهن،طريقت شريعت ئي جو حِصو آهي. پِيرانِ طريقت جيڪي واقعي سچا ۽ ڪامِل پِير هوندا آهن اهي تہ پاڻ بہ ڪثرت سان عبادت ڪندا آهن ۽ پنهنجي مُرِيدن کي بہ خُوب عبادت ۽ رياضت ايستائين جو نفل نمازن ۽ روزن جي بہ تلقين فرمائيندا آهن جڏهن تہ ڪجھ نادان جيڪي شريعت ۽ طريقت ۾ فرق ڪن ٿا، اهي فرض نمازون بہ پُوريون نٿا پڙهن، شرعِي احڪام کي ضروري نٿا سمجهن، بلڪ ڪجھ تہ مَعَاذَ الله! شريعت جو مذاق بہ اُڏائيندا آهن، ان ڪري اهڙن کي پِير بنائڻ هرگز دُرُست نہ آهي.

اهو ئي سبب آهي جو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مُرِيد تي ڪرامت پري نگاهہ فرمائي، سندن جو مُرِيد اجمير شريف ۾ هو، ان اتي غلطي ڪئي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بريلي ۾ رهندي ڪرامت طور ان جي خبر بہ پئي ۽ پاڻ يڪدم خواب ۾ اچي ناراضِي جو اِظهار فرمائي پنهنجي مُرِيد جي اِصلاح جو ذريعو بہ بڻجي ويا.

| | |
|---|---|
| ميں گرفتارِ بلائے دوجہاں | ہر بلا سے کر رہا احمد رضا! |
| تُم ہی مرشِد، تم دوائے رنج و غم | مجھ پہ بھی چشمِ عطا احمد رضا! |

صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## پِير بنائڻ جو هڪ وڏو فائدو

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ پِير بنائڻ تمام وڏي فائدي جي ڳالھ آهي، هن جو هڪ تمام وڏو فائدو تہ هي آهي تہ جنهن جو پِير ڪامِل هجي، اهو پنهنجي مُرِيد کي ڪڏهن ڀٽڪڻ ناهي ڏيندو. ڏسو! ان نوجوان ڪامل پِير، اعليٰ حضرت امامِ اهل سُنّت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ ۾ هٿ ڏنو هو، ان ڪري هو گمراهي کان ۽ گمراهہ ڪندڙن کان بچي ويو.

اڄڪلهه فتنن جو دَور آهي، اسان کي بہ گهرجي تہ باشرع، جامعِ شرائط پِيرِ ڪامِل جي هٿ ۾ هٿ ڏيون، ان جي برڪت سان اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪرِيم! گمراهي کان بہ بچي وينداسين ۽ ايمان جي حفاظت جو بہ سامان ٿي ويندو.

| | |
|---|---|
| حشر تک جاری رہے گا فیض مرشِد آپ کا | فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا |
| اے امامِ اہلِ سنّت نائبِ شاہِ اُمم | کیجئے ہم پر بھی سایہ اے امام احمد رضا(1) |

## بيعت تمام پياري سُنّت آهي

اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيعت بيشڪ سُنّتِ محبوبہ (يعني تمام پياري سُنّت) آهي.(2)

اسان جا آقا ۽ موليٰ، محمد مصطفيٰ، ٻنهي جهانن جي داتا، امامُ الانبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيئي ڀيرا بيعت ورتي ۽ صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ ۾ هٿ رکي بيعت ڪئي. انهن مان هڪ بيعت جو ذِڪر ڪندي اللّٰه رَبُّ العالمين قرآنِ مجيد ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لَقَدْ رَضِیَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِیْنَ اِذْ یُبَایِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ (پاره:26، سورة فتح:18) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ اللّٰه ايمان وارن سان راضي ٿيو جڏهن اهي وڻ جي هيٺان تنهنجي بيعت ڪري رهيا هئا. |

## جنهن جو ڪو پِير نہ آهي، ان جو پِير شيطان آهي

فتاويٰ رضويہ، جلد:26، صفحي: 575 تي آهي (جنهن جو خُلاصو ڪجهہ هيئن آهي): هڪ حديث روايت ڪئي ويندي آهي: مَن لَا شَيْخَ لَهٗ فَشَيْخُهُ الشَّيْطٰن جنهن جو

---

1… وسائل بخشش، صفحہ:525 ملتقطاً۔

2… فتاوی رضویہ، جلد:26، صفحہ:586۔

ڪو پِير نہ آهي، شيطان ان جو پِير آهي.

هن روايت جا پُورا پُورا مِصدَاق اهي ماڻهو آهن جيڪي مشائِخِ ڪرام کي نٽا مڃن.[1]

## نيڪ پرهيزگار بہ پِير جي هٿ تي بيعت ڪن

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهن کي وَسوَسو ايندو آهي تہ مون کي پِير بنائڻ جي ضرورت نہ آهي، مان نمازون بہ پڙهان ٿو، روزا بہ رکان ٿو، نفلي عبادتون بہ ڪيان ٿو، باطني گُناهن کان بہ بچان ٿو وغيره وغيره، اهڙي طرح جون ڳالهيون سوچي ماڻهو پِير بنائڻ کان مَحرُوم رهندا آهن .

اهڙن جي بارگاھ ۾ عرض آهي تہ پهريان تہ پنهنجو پاڻ کي چڱو سمجهڻ واري سوچ ئي چڱي نہ آهي، هن ۾ خود پسندي جي بُوءِ آهي، ٻي نمبر تي اهو ياد رکو! تہ ڪو ڪيترو ئي پهتل هجي، اهو بہ پِيرِ ڪامِل جي ڳولها ڪري، پِير بنائي، سچي نسبت حاصِل ڪري ڇو تہ سچّي نسبت جي بغير معرفت جا درجات طئي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو، بلڪ ناممڪن آهي. ڏسو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ متقي (پرهيزگار) ماڻهن کي وسيلو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ<br>(پاره:6، سورۂ مائده:35) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو. |

حڪيم الاُمَّت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت ۾ تقوي کان بعد وسيلي جي ڳولها جو حڪم ڏئي ٻڌايو ويو **تہ ڪو متقي پرهيزگار تقويٰ جي چاهي ڪنهن درجي تي پهچي وسيلي کان بي**

[1] ... فتاوى رضويہ، جلد:26، صفحہ: 575 خلاصتًہ

نياز نٿو ٿي سگهي، لھٰذا ڪو متقي مسلمان هي نہ سمجهي تہ مان تہ متقي ٿي ويس هاڻي مون کي الله پاڪ تائين پهچڻ جي لاءِ ڪنهن وسيلي جي ضرورت نہ آهي، جيئن هر مومن اَعمَال ۽ تقويٰ جو حاجت مند آهي، ايئن ئي هر متقي وسيلي جو محتاج آهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پِيرِ ڪامِل جا چار شرط

اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيعت جي لاءِ لازِم آهي تہ پِير 4 شرطن جو جامِع هجي: (1): صحيح العقيده سُنّي هجي (2): ايترو عِلم رکندو هجي جو پنهنجي ضرورت جا مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي (3): فاسِقِ مُعلِن (يعني اِعلانيہ گُنَاھ ڪرڻ وارو) نہ هجي (4): ان جو بيعت وارو سلسلو نبي ڪريم، رءوف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين مُتَّصِل (يعني مليل) هجي. جتي انهن شرطن مان ڪو هڪ شرط گهٽ آهي، بيعت جائِز نہ آهي.[2]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پِيرِ ڪامِل جي نگاھ ۾

1294 هجري جو واقعو آهي، ان وقت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ 22 سال هئي، هڪ ڏينهن سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجھ سوچي روئڻ لڳا ۽ روئندي روئندي سمهي پيا، خواب ۾ ڏٺائون تہ سندن ڏاڏو حضرت مولانا مفتي رضا علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آيو آهي ۽ هڪ صندوقچي (ننڍڙي پيتي) ڏئي فرمايائون: عنقريب اهو شخص اچڻ وارو آهي جيڪو توهان جي دِل جي درد جي دَوا ڪندو.

---

[1] … تفسير نعيمی، پاره:6، سورۀ مائده، تحت الآيۃ:35، جلد:6، صفحہ:394 و 402 خلاصۃً ۔

[2] … فتاویٰ رضويہ، جلد:26، صفحہ:568۔

اڳئين ئي ڏينهن حضرت مولانا شاه عبد القادِر بدايوني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آيا ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ساڻ وٺي مارهره ڏانهن ويا، مارهره شريف جي اسٽيشن تي پهچندي ئي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **ڪامِل شيخ جي خوشبو اچي رهي آهي.**[1]

سُبحٰنَ الله! مُرِيدِ ڪامِل جي ڪيفيت ڏسو! اجا مُرِيد بہ ناهي ٿيو، پِيرِ ڪامِل جي خوشبو پهريان ئي ڪان اچي رهي آهي. اسٽيشن ئي تي هڪ جڳهہ تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غسل فرمايو، نوان ڪپڙا پاتا، پوءِ خانقاه برڪاتيہ ۾ حاضِر ٿي ويا.

جڏهن خانقاه برڪاتيہ جي شيخِ ڪامِل، تاجدارِ مارهره، امام الاولياء حضرت مولانا شاه آل رسول مارهروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمتِ بابرڪت ۾ پهتا تہ شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏسندي ئي فرمايو: **اچو! اسان تہ ڪيئي ڏينهن کان انتظار ڪري رهيا آهيون.**[2]

اللهُ اَڪبَر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! مُرِيدِ ڪامِل کي اسٽيشن ئي تان پِيرِ ڪامِل جي خوشبو محسوس ٿي رهي آهي ۽ پِيرِ ڪامِل آهن جو ڪيئي ڏينهن کان انتظار فرمائي رهيا آهن. خير! شاه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بيعت ڪيو ۽ انهيءَ وقت سلسلہ عاليہ قادريہ، سلسلہ چشتيہ، سلسلہ سهرورديہ، سلسلہ نقشبنديہ مطلب تمام سلسلن جي اجازت ۽ خِلافت عطا فرمائي. ان سان گڏوگڏ جيڪي تبرڪات بزرگن کان هلندا پئي آيا، اهي سڀئي پڻ عطا فرمايا، هڪ صندوقچي بہ عطا ڪئي جنهن کي وظيفي جي صندوقچي چئبو آهي.

هاڻي هتي غور فرمايو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اجا پِيرِ ڪامِل جي بارگاه ۾

[1] … فيضان اعلیٰ حضرت، صفحه:315۔

[2] … فيضان اعلیٰ حضرت، صفحه:316۔

حاضِر ٿيا آهن، اجا بيعت ڪئي ئي آهي جو پِيرِ ڪامِل سندن تي ايتري عنايت ۽ لطف فرمايو. پهرين ئي ملاقات ۾ شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ايتريون عنايتون ڏسي سمورا مُرِيد حيران هئا، ان وقت شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا جانشين ۽ پوٽا سَيد ابو الحسين احمد نُوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به موجود هئا، انهن ڏاڍي سائين جي خِدمت ۾ عرض ڪيو: حُضُور! اوهان وٽ خِلافت ۽ اجازت ايتري عام نه آهي، اوهان ته سالن تائين رياضت ڪرائيندا آهيو، آهسته آهسته منزلون طئي ڪرائي پوءِ وڃي ڪنهن کي ان لائق ڏسندا آهيو ته پوءِ به صِرف 1 يا 2 سلسلن جي اجازت ۽ خِلافت عنايت فرمائيندا آهيو آخر! هن 22 سالن جي نوجوان (يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه) تي پهرين ملاقات ئي ۾ ايتريون عنايتون ڇو فرمايائون؟

پنهنجي پوٽي جو هي سُوال ٻُڌي شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ فرمايائون: اي انسانو! توهان احمد رضا بابت ڇا ڄاڻو...! پوءِ فرمايائون: مان فِڪر مند هئس ته جيڪڏهن الله پاڪ قيامت جي ڏينهن فرمايو: اي آلِ رسول! تو دُنيا مان اسان جي لاءِ ڇا آندو آهي؟ ته مان ڪهڙو جواب ڏيندس. الحمد لله! اڄ اها ڳڻتي پري ٿي وئي. هاڻي جيڪڏهن الله پاڪ مون کان پڇيو ته آل رسول! دُنيا مان ڇا آندو اٿئي ته مان مولانا احمد رضا کي پيش ڪندس.

روزِ محشر اگر مجھ سے پوچھے خُدا | بول آلِ رسول تُو لایا ہے کیا
عرض کر دوں گا لایا ہوں احمد رضا | یاخُدا یہ امانت سلامت رہے

مسلکِ اعلیٰ حضرت سلامت رہے

شاهه آلِ رسول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايائون: (انسانو! ٻُڌو...!) باقِي ماڻهو زَنگ آلود دِليون کڻي ايندا آهن، انهن کي تيار ڪرڻو پوندو آهي، احمد رضا صاف شفّاف (يعني پاڪ صاف) دِل کڻي بلڪل تيار ٿي آيا آهن، انهن کي ته صِرف

نسبت جي ضرورت هئي.[1]

سُبحٰنَ الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** هي آهن پيرِ ڪامِل جا مَنظُورِ نظر، مُرِيدِ ڪامِل اسان جا آقا، اعليٰ حضرت امام اهلسنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. ٿورو غور فرمايو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ ان وقت ڇا هئي؟ 22 سال. ان عمر ۾ به اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيڏا پاڪ صاف، عِبَادت گذار، نيڪ دِل، نيڪ سيرت، شريعت جا زبردست پيروڪار هئا، جو سندن پِيرِ ڪامِل فرمايو: **احمد رضا پاڪ صاف دِل ڪٺي آيو آهي، انهن کي صِرف نسبت جي ضرورت هئي.**

سُبحٰنَ الله! الله پاڪ اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان کي دِل جي پاڪيزگي عطا فرمائي. ڪاش! اسان به پنهنجي پِير صاحب جا مَنظُورِ نَظر بڻجڻ لائق ٿي وڃون.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اعليٰ حضرت نائِبِ غوثِ اعظم آهن

علي پُور سيدان (پنجاب، پاڪستان) جا مشهور بزرگ آهن: حضرت مولانا پِير جماعت علي شاهه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. پاڻ سَيد زاده آهن ۽ غوثِ پاڪ جي اَولاد مان آهن. پِير جماعت علي شاهه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مون کي خواب ۾ شهنشاهه بغداد سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت جو شَرف حاصِل ٿيو، حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **هند ۾ منهنجا نائب مولانا احمد رضا خان آهن.**[2]

اهڙي طرح شيرِ رَبَّاني حضرت ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي به

[1]... تجليات امام احمد رضا، صفحہ:37۔

[2]... فيضان اعلیٰ حضرت، صفحہ:323۔

هڪ ڀيري خواب ۾ شهنشاهِ بغداد، سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت نصيب ٿي، ميان صاحب فرمائن ٿا: مون غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو: حُضُور! هن وقت دُنيا ۾ اوهان جو نائب ڪير آهي؟ سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **بريلي ۾ مولانا احمد رضا خان.**[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **غوثِ پاڪ جا نائِب آهن**، اها ڳالهه ڪا ڳُجهي نہ هئي، بلڪ اُن وقت جا مشائِخِ عُظّام ۽ پِيرانِ طريقت سيني کي خبر هئي تہ **اعليٰ حضرت نائِبِ غوثِ اعظم** آهن، ان ڪري هو ماڻهن کي بريلي جو رستو ڏيکاريندا يعني اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مريد ٿيڻ جي ترغيب ڏياريندا هئا.

## توهان جو حِصّو بريلي ۾ آهي

سيد اَيوب علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: محلہ گڙهي ۾ هڪ شخص رهندو هو، ماڻهو ان کي انجينئر صاحب چوندا هئا. هڪ ڀيري هو شهر کان ٻاهر ڪٿي سَفر تي ويو، اتي ماڻهن ٻڌايو تہ هتي جبل جي چوٽي تي هڪ نيڪ بزرگ رهي ٿو پر هو ڪنهن کي پاڻ وٽ اچڻ نٿو ڏئي، جيڪڏهن ڪو شخص جبل تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري تہ مٿان کان پٿر ڪرڻ لڳن ٿا، ايئن جبل تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو واپس موٽي ويندو آهي. انجينئر صاحب جڏهن هي ٻُڌو تہ پَڪو ارادو ڪيائين تہ چاهي ڪجهہ بہ ٿئي، مان اُن بزرگ جي زيارت جي لاءِ ضرور ويندس. انجينئر صاحب جبل ڏانهن وڃڻ لڳا، جڏهن ان جبل تي چڙهڻ شروع ڪيو تہ واقعي پٿر هيٺ ڪرڻ لڳا، انجينئر صاحب بہ ارادي جو پَڪو هو، ان پٿرن جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي ۽ نظر جهڪائي جبل تي چڙهندو ويو، انجينئر صاحب ئي جو بيان آهي: مان جيئن جيئن قدم وڌائيندو ويس، پٿرن جو آواز وڌي رهيو هو، ايئن بہ ٿيو جو ڪجهہ پٿر بلڪل منهنجي ويجهو کان نڪتا

---

1… فيضان اعلىٰ حضرت، صفحہ:323۔

پر مون همّت نہ هاري ۽ جبل تي چڙهندو ويس. نيٺ جڏهن جبل جي چوٽي تي پهتس تہ ڏٺم هڪ نيڪ بزرگ ڪنڌ جهڪائي وينا آهن، مان انهن جي ويجهو وڃي خاموش ٿي بيهي رهيس، ڪافِي دير بعد اُنهن نگاهہ کڻي مون ڏانهن ڏٺو، مون سلام عرض ڪيو، انهن سلام جو جواب ڏنو ۽ اهو ئي فرمايو: بابا! مون وٽ ڇو آيو آهين؟ **تنهنجو حِصو تہ مولانا احمد رضا خان صاحب وٽ بريلي ۾ آهي.**

انجينئر صاحب هي ٻڌو تہ يڪدم سلام ڪري واپس اچي ويو ۽ بريلي ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي بارگاهہ ۾ پهچي اعليٰ حضرت جو مريد ٿي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| الله الله نو بہار عظمتِ احمد رضا | غنچہ غنچہ ہے زبانِ مدحتِ احمد رضا |
| سائیہ قصرِ دنی میں منزلت پایا ہوا | کتنا اونچا ہے مقامِ عزتِ احمد رضا |

## جيڪوان جو نہ آهي، هو منهنجو نہ آهي

شاهہ صاحب محمد شير ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيلي ڀيت جا تمام مشهور بزرگ هئا، پنهنجي وقت جا ڪامِل ولي ۽ پيرِ طريقت هئا، پاڻ بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گهڻي محبت ڪندا هئا. هڪ ڀيري شاهہ مِير خان صاحب مُريد ٿيڻ جي لاءِ شاهہ صاحب محمد شير ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: مون کي پنهنجو مريد بڻايو! هن تي شاهہ صاحب محمد شير ميان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجهہ منٽ جي لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪيون، پوءِ فرمايائون: توهان جو حِصو مون وٽ نہ آهي، بريلي وڃو! وڏي مولوي صاحب اعليٰ حضرت وٽ توهان جو حِصو آهي، ان جا مريد ٿي وڃو!

وڌيڪ فرمايائون: **جيڪو اُن جو مريد، اهو منهنجو مريد، جيڪو منهنجو مُريد، هو اُن جو مريد، جيڪو اُن جو نہ آهي، هو منهنجو نہ آهي.**[2]

---

[1]... فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:342۔

[2]... تجليات امام احمد رضا، صفحہ:67تا68 بتغيّر قليل۔

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قُطبُ الاِرشاد

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيرانِ پير، پير دستگير حُضُور غوثِ اعظم شيخ عبد القادِر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا نائِب آهن ۽ سندن هڪ لقب آهي: قُطبُ الاِرشاد. **قُطب**: وِلايت جو هڪ درجو آهي، اهو ڪامل ولي جيڪو طريقت جي سمورن مقامات جو جامِع هجي ان کي قُطب چيو ويندو آهي، قطب پنهنجي زماني جي سمورن ولين ۾ انفرادي شان وارو هوندو آهي، ان کي غوث بہ چوندا آهن ۽ هي پنهنجي زماني جي ولين جو سردار هوندو آهي. اِرشَاد جي معنيٰ آهي: نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ، ماڻهن جي عقيدن جي اِصلاح ڪرڻ، عملن جي اِصلاح ڪرڻ، مُعَاشَري ۾ موجود بُرائين کي بهتر ڪرڻ، هي سڀ ڪجهه اِرشَاد ۾ شامل آهي. هاڻي قطب الارشاد جي معنيٰ ٿيندي: پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو مُصلِح اُمَّت (اُمَّت جي اِصلاح ڪرڻ وارو)، پنهنجي زماني جي ولين جو سردار.[1]

معلوم ٿيو اسان جا آقا، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قُطبُ الاِرشَاد آهن يعني پاڻ نيڪي جي دعوت عام فرمائڻ وارا، مُعَاشري جي اِصلاح فرمائڻ وارا، بُرائين کي سُڌارڻ وارا، پنهنجي مُرِيدن کي بلند درجات تائين پهچائڻ وارا ۽ پنهنجي زماني جي تمام ولين جا سردار آهن.

## ان جي پويان هلندو رهجان! سيئي تنهنجي پويان هلندا

هڪ دفعي سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مهائم شريف (هند) جي هڪ مجذوب سان ملاقات جي لاءِ ويا، حضرت عبد السلام جبل پُوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ گڏ هئا. مفتي بُرهانُ الحق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن اسان اتي پهتاسين تہ مجذوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مٿي تي عمامو شريف سجائي، تخت تي ويهي دلائِل الخيرات شريف

---

[1]... فتوحات، جلد:3، صفحہ:297۔

پڙهي رهيو هو.

انهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خوب مهمان نوازي ڪئي، جڏهن واپسي اچڻ لڳاسين ته مون اُن مَجذُوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مبارڪ پير پڪڙي عرض ڪيو: منهنجي لاءِ دُعاءِ خير ڪجو! اُن مَجذُوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي پٺي تي هٿ رکيو ۽ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طرف اشارو ڪندي فرمايائون: **هن جي پويان هلندو رهجان! سيئي تنهنجي پويان هلندا.**(1)

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! وقت جا وڏا وڏا مشائخ، وڏا وڏا پِير، اولياءُ الله، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها اسان جي آقا، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪيتري عزّت ڪندا هئا، انهن سڀني جو چوڻ هڪ ئي مؤقف هو، اهو هي ته اجوڪي دور ۾ ڪامل ولين جو سردار ته بريلي جو تاجدار، اعليٰ حضرت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ئي آهي.

هي سڀ اولياءِ ڪرام اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دامنِ ڪرم سان وابسته ٿيڻ، سندن جي مُريدن ۾ شامِل ٿيڻ ۽ سندن پويان هلڻ جي تلقين ڪندا هئا. الله پاڪ اسان کي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سچّي پڪي غلامي نصيب فرمائي. يقيناً اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيرِ ڪامِل آهن، الله پاڪ اسان کي مريدِ ڪامِل بڻجڻ جي توفيق نصيب ڪري.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| میں گرفتارِ بلائے دوجہاں | ہر بلا سے کر رِہا احمد رضا! |
| تُم ہی مرشد، تم دوائے رنج و غم | مجھ پہ بھی چشمِ عطا احمد رضا! |

---

1... فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:340۔

## اعليٰ حضرت جون پنهنجي مُرِيدن جي لاءِ نصيحتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پِيرِ ڪامِل آهن، پاڻ پنهنجي مُرِيدن کي گمراهي ۽ بي عملي کان بچائيندا هئا ۽ پنهنجي مُرِيدن جي ظاهري ۽ باطني اِصلاح جي لاءِ ڀرپُور ڪوشش ڪندا هئا.

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وقت بوقت پنهنجي مُرِيدن جي اصلاح جي لاءِ جيڪي نصيحتون ارشاد فرمائيندا هئا، اچو! اُنهن مان ڪجھ نصيحتون ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪريون ٿا ته پِيرِ ڪامِل اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هر نصيحت تي دِل ۽ جان سان عَمَل ڪنداسين. اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪرِيم!

## (1): مذهبِ اهلِ سُنّت تي قائِم رهون

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مُرِيدن کي فرمائن ٿا: مذهبِ اهلسنت و جماعت تي قائِم رهو، جيترا بدمذهب مثال طور نيچري، قادياني وغيره آهن، انهن سڀني کان جُدا رهو، انهن سڀني کي پنهنجو دُشمن سمجهو، انهن جي ڳالھ نه ٻڌو، انهن وٽ نه ويهو، انهن جي ڪا تحرير نه پڙهو، ڇو ته شيطان کي معاذَ الله دِل ۾ وسوسو وجهندي ڪا دير ناهي لڳندي.

ماڻهو کي جتي مال يا عزّت ۽ آبرو جو انديشو هجي، اتي هرگز نه ويندو آهي، دين ۽ ايمان سڀ کان وڌيڪ عزيز آهي، ان جي حفاظت جي لاءِ حد کان وڌيڪ ڪوشش فرض آهي، مال ۽ دُنيا جي عزّت، دُنيا جي زندگي، دُنيا ئي تائين آهي، دين ۽ ايمان سان هميشگي جي گھر (يعني آخرت) ۾ ڪم پوندو آهي، لهٰذا دين ۽ ايمان بابت فِڪر سڀ کان وڌيڪ لازِم آهي.

## (2): پنج ئي نمازن جي پابندي ڪريو!

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: پنج وقت جي نمازن جي پابندي نهايت ضروري آهي، مَردن کي مسجد ۽ جماعت جو التزام (يعني پابندي

سان مسجد ۾ باجماعت نماز پڙهڻ) بہ واجب آهي، بي نمازي مسلمان ڇڻ صرف شڪل جو انسان آهي جو ظاهر صُورت انسان جي آهي ڪم انسانن وارا نہ آهن، بي نمازي اهو نہ آهي جيڪو ڪڏهن نماز نہ پڙهي، بلڪ جيڪو هڪ وقت جي بہ قصداً (ڄاڻي واڻي) ڇڏي ڏي، اهو بہ بي نمازي آهي.

## (3):قضا نمازون ادا ڪريو!

جيتريون نمازون قضا ٿيون آهن، سيني جو هيئن حساب لڳايو جو ڪا نماز حساب ۾ باقي نہ رهجي وڃي، وڌيڪ ٿين تہ حرج نہ آهي، ۽ اهي سڀ (قضا نمازون) طاقت مطابق آهستہ آهستہ نهايت جلد ادا ڪريو، ڪاهلي ۽ سستي نہ ڪريو ڇو تہ موت جو وقت ڪنهن کي خبر نہ آهي.

## (4):قضا روزا رکو!

پِيرِ ڪامِل اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مُرِيدن کي نصيحت ڪندي وڌيڪ فرمائن ٿا: جيترا روزا ڪڏهن قضا ٿيا هجن، پيو رمضان اچڻ کان پهريان پُورا ڪيا وڃن، حديث شريف ۾ آهي: جيستائين پوئين رمضان جي روزن جي قضا نہ ڪئي وڃي، بعد وارا روزا قبول نٿا ٿين.[1]

## (5):زڪوٰة ادا ڪريو!

جيڪو مال دار (دولت مند) آهي (۽ زڪوٰة فرض ٿيڻ جا بيا شرط بہ پورا آهن تہ اهي) زڪوٰة بہ ڏين، جيترن سالن جي نہ ڏني هجي، هڪدم حساب ڪري ادا ڪن، هر سال جي زڪوٰة سال مڪمل ٿيڻ کان پهريان ڏئي ڇڏيو، سال پورو ٿيڻ کان بعد دير ڪرڻ گُناهُ آهي، لهٰذا سال شروع ٿيندي ئي آهستہ آهستہ ڏيندا رهو، سال پورو ٿيڻ تي حساب ڪريو، جيڪڏهن پُوري ادا ٿي وئي تہ بهتر، نہ تہ جيتري باقي هجي، هڪدم ڏيو ۽ جيڪڏهن ڪجهہ وڌيڪ ڏني آهي (يعني جيتري

---

[1]... مسند احمد، مسند ابو ہریرہ، جلد:3، صفحہ:266، حدیث:8629۔

زڪوٰة ٽيندي هئي، ان ڪان وڌيڪ رقم راهِ خُدا ۾ زڪوٰة جي نيت سان ڏئي چڪا آهيو، ايتري رقم) آئنده سال مان گهٽ ڪري ونو. اللّٰه پاڪ ڪنهن جو نيڪ ڪم ضايع ناهي ڪندو.

## (6) : فرض حج ادا ڪريو!

صاحبِ استطاعت تي حج فرض آهي، اللّٰه پاڪ ان جي فرضيت بيان ڪري فرمايو:

وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِیٌّ عَنِ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۷﴾

(پاره:4، سورةِ آلِ عمران:97)

ترجَمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو انڪار ڪري تہ اللّٰه سڄي جهان کان بي پرواه آهي.

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حج ڇڏڻ واري بابت فرمايو: چاهي يهودي ٿي مري يا نصراني ٿي مري.[1]

## (7) : باطني بيمارين کان بچو

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مُرِيدن کي وڌيڪ نصيحتون ڪندي فرمائن ٿا: ڪِذب (ڪوڙ)، فحش (يعني بيحيائي)، چغلي، غيبت، زنا، لواطت، ظلم، خيانت، ريا، تڪبر، ڏاڙهي ڪوڙائڻ فاسقن وارو انداز اپنائڻ ۽ هر بُري خصلت کان بچو.

جيڪو انهن (بيان ڪيل تمام) ڳالهين تي عمل پيرا رهندو، اللّٰه ۽ رسول جي وعدي سان ان جي لاءِ جنّت آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! پيرِ ڪامِل اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي تمام مُرِيدن کي هي نصيحتون فرمايون، اچو! نيت ڪريون ٿا، اسان جيستائين زِنده

[1] … ترمذی ، کتاب الحج، صفحہ:223، حدیث:812۔

[2] … حیاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:353تا354 ملتقطاً۔

رهنداسين، انهن سمورين نصيحتن تي عَمَل ڪندا رهنداسين، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سچّي عقيدن، مذهبِ حق اهلسنت تي قائِم رهڻ جي نصيحت فرمائي، نيت ڪريو! هميشه مسلڪ اعليٰ حضرت تي قائِم رهنداسين، بدمذهبن جي صحبت کان هميشه بچندا رهنداسين، صرف ۽ صرف عاشقانِ رسول ئي جي صحبت اپنائيندا‌سين، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنجئي نمازون پابندي سان مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جي نصيحت فرمائي، لهٰذا نيت ڪريو! اِن شَآءَ اللهُ الڪرِيم! اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿيندي بلڪ جماعت به نه ڇڏيندا‌سين، خدانخواسته جيڪڏهن ڪنهن جون نمازون قضا ٿيون آهن ته هو جلد از جلد پُوري قضا نمازون ادا ڪري، جن جا روزا قضا آهن، هو روزا رکڻ جي نيت ڪن، جن تي زڪوٰة فرض ٿئي ٿي، اهو زڪوٰة ادا ڪرڻ جي نيت ڪري، جن تي حج فرض ٿئي ٿو، اهو حج ادا ڪرڻ جي نيت ڪري ۽ ڪوڙ، غيبت، چغلي، رياڪاري، تڪبر وغيره باطني بيمارين کان سيني کي ئي بچڻو آهي، انهن کان بچڻ جي به نيت ڪريو!

## ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اَعمال

الحمد لله! عاشقِ اعليٰ حضرت، امير اهلسنت حضرت علّامه مولانا، ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه سچي دُنيا جي عاشقانِ رسول کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي لاءِ اِصلاح جو جيڪو مدني نسخو ڏنو آهي، يعني: نيڪ اعمال، ان ۾ اهي سمورا عمل شامل آهن جن جي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نصيحت فرمائي آهي، جيڪڏهن اسان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي عطا ڪيل نيڪ اعمال کي مضبوطي سان پڪڙيون ته اِن شَآءَ اللهُ الڪرِيم! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نصيحتن سان گڏوگڏ ڪوڙ بيون نيڪيون ڪرڻ، پنهنجي ڪردار ۾ مثبت تبديليون آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا‌سين.

هي نيڪ اَعمال مختلف قسم جا آهن، اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72 آهن،

اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 نيڪ اعمال آهن، جامعة المدينہ جي شاگرد اسلامي ڀائرن جي لاءِ 92 آهن، ايئن سيئي پنهنجي مطابق نيڪ اعمال جو رسالو حاصِل ڪن، روزانو وقت مقرر ڪري، ان جا خانا ڀرين، اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪرِيم! هن جي برڪت سان زِندگي ۾ نکار ايندو، ڪردار صاف سترو ٿي چمڪدار ٿي ويندو. نيڪين ۾ اضافو بہ ٿيندو، استقامت بہ ملندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ دِل ۾ عشقِ رسول جا چشما جاري ٿيندا. اِن شَآءَ اللّٰهُ الڪرِيم!

اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ نيڪ اعمال جي هڪ مدني بهار ٻُڌايان ٿو.

## مدني بهار

ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: علائقي جي مسجد ۾ امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ آهن، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي (يعني سمجهائيندي) منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال رسالو تحفي ۾ ڏنو، اهو گهر کڻي آيو ۽ پڙهيائين تہ حيران رهجي ويو تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي، بس نيڪ اعمال رسالو ان جي زندگي ۾ انقلاب کڻي آيو ان جي برڪت سان الحمد لله! ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضِر ٿي ويو ۽ هاڻي 5 وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي آهي ۽ نيڪ اعمال جو رسالو بہ ڀرين ٿا.[1]

تُو ولی اپنا بنالے اُس کو ربِّ لم یزل | مدنی اِنعامات پر کرتا ہے جو کوئی عمل

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اَعْمَال چيو ويندو آهي.

[1]... جنت کے طلب گاروں کے لئے مدنی گلدستہ، صفحہ:14۔

## اپيلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول ! الحمد للّٰه! دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ جي طرفان عوام جي آساني ۽ اُمّتِ مصطفيٰ جي غمخواري جي لاءِ موبائل اپيلي ڪيشن *Online rohani ilaj & istikhara* متعارف ڪرائي آهي. هن اپيلي ڪيشن جي مدد سان اوهان ۞ آن لائن استخارو ڪرائي سگهو ٿا ۞ بيماري، نظرِ بد، جادُو، آسيب (جنات) وغيره جي مسئلن جي حل جي لاءِ في سبيل اللّٰه تعويذات حاصِل ڪري سگهو ٿا ۞ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگهو ٿا.

وڌيڪ هن اپيلي ڪيشن ۾ ◈ بيماري ◈ غربت ◈ غم، پريشاني ◈ ۽ آفتن ۽ مصيبتن وغيره کان حفاظت جا مختلف اُوراد ۽ وظيفہ پڻ شامِل آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هي اپيليڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪريو! پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي ترغيب بہ ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَن اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَد اَحَبَّنِي وَمَن اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص عصر کان بعد

(1)… مشکوٰۃ، کتابُ:الْاِیمان، بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

سمھي ۽ ان جو عقل ختم ٿي وڃي تہ ھو پنھنجو پاڻ کي ملامت ڪري.[1]

اي عاشقانِ رسول ! سمھڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيء وغيره ھجي تہ نڪري وڃي ◈ سمھڻ کان اڳ ھيءَ دعا پڙھي وٺو: اَللّٰھُمَّ بِاسْمِکَ اَمُوْتُ وَ اَحْیَا ترجمو: اي اللّٰه پاڪ! مان تنھنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمھان ٿو ۽ جاڳان ٿو) ◈ ڏينھن جي ابتدائي حصي ۾ سمھڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمھڻ مڪروھ آھي. ◈ ٻنپھرن جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آھي ◈ سمھڻ لاءِ مستحب اھو آھي تہ پاڪائي سان سمھي ۽ ◈ ڪجھ دير ساڄي پاسي ھٿ ڳل جي ھيٺان رکي قبلي ڏانھن منھن ڪري سمھي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمھي. ◈ سمھڻ وقت قبر ۾ سمھڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمھڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ ھوندو ◈ سمھڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول ھجي، تھليل، تسبيح ۽ تحميد پڙھي. (يعني لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ، سُبْحٰنَ اللّٰه ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ جو وِرد ڪندو رھي) ايستائين جو سمھي پوي انسان جنھن حالت تي سمھندو آھي اُن تي ئي اٿندو آھي ۽ جنھن حالت تي مرندو آھي اُن تي ئي قيامت جي ڏينھن اٿندو. ◈ جاڳڻ کان پوءِ ھي دعا پڙھو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِیْٓ اَحْیَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَاِلَیْہِ النُّشُوْرُ. ترجمو: سڀ تعريفون اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي لاءِ آھن جنھن اسان کي مارڻ کان پوءِ زندھ ڪيو ۽ انھيءَ ڏانھن موٽي وڃڻو آھي. ◈ جڏھن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏھ سال ٿئي تہ انھن کي الڳ الڳ سمھارڻ گھرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نہ سمھي. ◈ ڇوڪرو جڏھن شھوت جي حد کي پھچي تہ اُھو مرد جي حڪم ۾ آھي. ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تھجُّد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آھي[2] فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم: ”فرض

---

[1]...مسند ابی یعلیٰ، جلد:4، صفحہ:121، حدیث:4915۔

[2]... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔40۔

ڪان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.[1]

میں سو جاؤں یا مصطفےٰ کہتے کہتے | کھلے آنکھ صَلِّ علیٰ کہتے کہتے

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدَّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو

ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مسلم، ڪتاب الصيام، باب:فَضْلِ صَوْمِ الْمُحَرَّم، صفحہ:424، حديث:1163۔